SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1988

# SINDH ACT NO.I OF 1988

## سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1987

## THE SINDH PARLIAMENTARY SECRETARIES (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1987

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act XXIV of 1974

3. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV ۾ ڪجهہ دفعات جو اضافو
Insertion of certain sections in Sindh Act XXIV of 1974

4. 1987 جي سنڌ آرڊيننس VII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance VII of 1987

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1988

# SINDH ACT NO.I OF 1988

# سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1987

# THE SINDH PARLIAMENTARY SECRETARIES (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1987

[7 جنوري 1988]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، مراعتون ۽ سهولتون) (ترميم) ايڪٽ، 1974 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1974 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 26 اپريل 1987 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act XXIV of 1974

2. سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1974 ۾، جنهن کي ان کانپوءِ بہ ڇاڙايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 4 ۾، لفظن "هڪ سئو پنجويھہ رپيا" کي لفظن "هڪ سئو پنجاھہ رپيا" سان متبادل بڻايو ويندو.

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV ۾ ڪجھہ دفعات جو اضافو
Insertion of certain sections in Sindh Act XXIV of 1974

3. ڇاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 4 کانپوءِ هيٺيان نوان دفعات شامل ڪيا ويندا:

4-A رهائش. (1) هڪ پارلياماني سيڪريٽري کي بنا ڀاڙي جي هڪ سرڪاري رهائشگاهہ فراهم ڪئي ويندي.

(2) جتي پارلياماني سيڪريٽري کي سرڪاري رهائشگاهہ نہ ٿي فراهم ڪئي وڃي يا اهو هڪ نجي رهائشگاهہ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏئي ٿو تہ، کيس گهر جو ڀاڙو هڪ هزار پنج سئو رپيا ماهوار جي حساب سان ڏنو ويندو.

4-B ٻيون سهولتون. پارلياماني سيڪريٽري کي ڏنيون وينديون:

(i) ڪل وقتي اسٽينو ٽائيپسٽ ۽ هڪ نائب قاصد جون خدمتون؛

(ii) رهائشي ٽيليفون جون رينٽل چارجز ۽ ان تان ڪيل سرڪاري ڪالز جيڪي سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1974 جي دفعہ 6 جي شق (b) تحت اسيمبلي ميمبر طور ڏني ويندڙ معاوضي کان هڪ ياگي ٿي کان وڌيڪ نہ هونديون.

C_4 موڪل. (1) پارلياماني سيڪريٽري کي غير حاضري جي موڪل وڏي وزير طرفان هڪ وقت تي يا وقت بہ وقت ڏني ويندي، صحت جي معاملن لاءِ يا نجي معاملن لاءِ، جيڪا سندس عهدي جي مدي دوران ٽن مهينن کان وڌيڪ نہ هوندي.

(2) پارلياماني سيڪريٽري کي سندس پگهار برابر موڪل جو الائونس ڏنو ويندو.

D_4 سفر جو الائونس. (1) پارلياماني سيڪريٽري کي پارلياماني سيڪريٽري جون ذميواريون نڀائڻ لاءِ سرڪاري دوري جي سلسلي ۾ سفر جو الائونس هڪ اسيمبلي ميمبر جي اسڪيل برابر ڏنو ويندو.

(2)وزير جنهن سان پارلياماني سيڪريٽري لاڳاپيل آهي، سفر جي الائونس جي مقصد لاءِ سندس ڪنٽرولنگ آفيسر هوندو.".

1987 جي سنڌ آرڊيننس VII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance VII of 1987

4. سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 1987 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**